## سنڌ آرڊيننس نمبر IX، 1971

### اولهہ پاڪستان تاريخي مسجدن ۽ مقبرن جو فنڊ سيس (سنڌ ترميمي) آرڊيننس، 1971.

## فهرست

تمهيد

1. مختصر عنوان ۽ عملدرآمدي

2. 1960 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس V جي دفعہ (Section) (3) جي ترميم.

# سنڌ آرڊيننس نمبر IX، 1971

## اولهہ پاڪستان تاريخي مسجدن ۽ مقبرن جو فنڊ سيس (سنڌ ترميمي) آرڊيننس، 1971.

4 سيپٽمبر 1971

سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان تاريخي مسجدن ۽ مقبرن جو فنڊ سيس آرڊيننس، 1960 ۾ ترميم جو هڪ آرڊيننس.

تمهيد

ئن تہ سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان تاريخي مسجدن ۽ مقبرن جو فنڊ سيس آرڊيننس، 1960، ۾ هيٺين ريت ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي.

هاڻي، تنهن ڪري، 25 مارچ 1969ع جي مارشل لا جي اعلان جي عمل جي روشني ۾، عبوري آئيني حڪم (PCO) سان گڏ پڙهندي، مليل سمورن اختيارن موجب سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس نافذ (Promulgate) ڪرڻ فرمايو آهي:-

مختصر عنوان ۽ عملدرآمدي

1. پاڪستان تاريخي مسجدن ۽ مقبرن جو فنڊ سيس (سنڌ ترميمي) آرڊيننس، 1971 سڏيو ويندو.

1960 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس V جي دفعہ (Section) (3) جي ترميم.

2. اولهہ پاڪستان تاريخي مسجدن ۽ مقبرن جي فنڊ سيس آرڊيننس، 1960 ۾، سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ، دفعہ (Section) 3 جي ذيلي دفعہ (Sub-Section) (4) لفظ "يارنهن"، جي جاءِ تي لفظ "ٻارنهن" وڌو ويندو ۽ 30 سيپٽمبر 1970 کانپوءِ اهو ايئن ئي تبديل ٿيل رهڻ ڏنو ويندو.

[redacted] نوٽ: مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.